
# پل صراط

## جا احوال

14-January-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

14 جنوري 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# پل صراط جا احوال

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ❖ سيدنا حسن بصري رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ۽ پل صراط جو تذڪرو
- ❖ هر هڪ کي پلصراط تان گذرڻو آهي
- ❖ پل صراط جي مسافت؟
- ❖ پل صراط تي ڪم ايندڙ نيڪيون
- ❖ پل صراط تي نقصان ڏيندڙ عمل

پيشڪش
اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# پل صراط جا احوال

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## پل صراط تي نور

پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمائن ٿا: مون تي **ڪثرت** سان **دُرُود پاڪ** پڙهندا رهو ڇوته قبر ۾ توهان کان منهنجي باري ۾ سوال ٿيندو ۽ فرمايائون: دُرُود شريف قيامت جي ڏينهن پُلصِرَاط تي اونداهي وقت نور هوندو.“ (افضل الصلات علی سید السادات، الفصل الرابع،ص۲۷)

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے محسن پر سدا سلام کہو عمر بھر درود پڑھو

عبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو خدا کی تم پے ہو رحمت اگر درود پڑھو

ہزار درد کو ایک دوا کفایت ہے جو پیش آئے ذرا بھی خطر درود پڑھو

(نورایمان، ص٥٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿا. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ سٺين سٺين نيتن سان اوّل تا آخر بيان ٻڌو ❖ پوري توجهه سان گڏ بيان ٻڌڻ جي نيت ڪريو، *ادب سان ويهڻ جي نيت ڪريو ❖ جيڪڏهن اوهان وٽ قلم (Pen/Pencil)، ڊائري آهي ته اَهمّ نڪتا نوٽ ڪرڻ جي به نيت ڪريو .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان جي بيان جو موضوع آهي **"پل صراط جا احوال"** جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين ❖ سَيِدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پل صراط جو تذڪرو ڪيئن ڪندا هئا؟ ❖ هر هڪ کي پلصراط تان گذرڻو پوندو پر ڪيئن؟ ❖ پل صراط 15 هزار سال جي مسافت تي آهي ❖ ماڻهو پلصراط تان ڪيئن لنگهندا، انهن جو حال ڪهڙو هوندو؟ ❖ قيامت جي ڏينهن ٽيندڙ شرمندگي ڪجهه فائدو نه ڏيندي ❖ پلصراط جي دهشت صحابي رسول کي روئاري ڇڏيو

❖ پلصراط تي تيزي سان گذرڻ وارا ڪير هوندا؟ ❖ پلصراط تي ڪهڙيون ڪهڙيون نيڪيون ڪم اينديون؟ ❖ پلصراط تي ڪهڙا ڪهڙا عمل اسان جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجندا؟ ❖ ۽ ان کان علاوه وڌيڪ مفيد معلومات ٻڌڻ جي سَعَادَت حاصِل ڪنداسين اِنْ شَآءَالله.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ پل صراط جو تذڪرو

هڪ ڏينهن حضرت سَيِدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ماڻهن کي بيان ڪرڻ لاءِ وينا تہ ماڻهو سندن ويجهو اچڻ جي لاءِ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيڻ لڳا. پاڻ اها صورت حال ڏسي فرمايائون: اي منهنجا پائرو! اڄ توهان منهنجي ويجهو اچڻ جي لاءِ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏئي رهيا آهيو، سڀاڻي قيامت ۾ توهان جو ڪهڙو حال هوندو، جڏهن پرهيزگار الله پاڪ جي رحمت جي ويجهو هوندا جڏهن تہ گنهگارن کي پري ڪيو ويندو، جڏهن نيڪ ماڻهن کي چيو ويندو تہ توهان **پلصراط** پار ڪري وڃو ۽ گناهگارن کي چيو ويندو تہ توهان جهنم ۾ ڪِري پئو. افسوس! مون کي خبر ناهي تہ مان گناهگارن سان گڏ جهنم ۾ ڪِري پوندس يا نيڪ ماڻهن سان گڏ **پل صراط** پار ڪري ويندس. اهو چوڻ هو جو حضرتِ حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ روئيندي روئيندي بي هوش ٿي ويا. آس پاس وينل ماڻهو بہ روئڻ لڳا. ڪجهه دير کان پوءِ پاڻ فرمايائون: اي پائرو! ڇا توهان کي جهنَّم جي خوف سبب روئڻ نہ پيو اَچي؟ ٻڌو! جيڪو شخص جهنَّم جي خوف سبب روئيندو آهي الله پاڪ ان کي ان ڏينهن جهنَّم مان آزاد فرمائيندو جنهن ڏينهن مخلوق کي گِچي ۽ پيرن ۾ لوهي زنجيرون وجهي گِهيليو پئي ويندو. (بحر الدموع، الفصل السادس: تنبيہ الغافلين من نسيان الآخرة، ص٥٣،آنسوؤں کا دریا،ص77)

**اي عاشقانِ رسول!** پلصراط جو بيان ڪندي بي هوش ٿيڻ ٻڌائي ٿو تہ اهو معاملو معمولي ناهي بلڪ سخت آزمائش مان گذرڻو آهي ۽ بيان بہ پنهنجي

وقت جا قاضي ۽ امام حضرتِ حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪري رهيا آهن. جن جي باري ۾ حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جن دعا ڪئي يا الله! انهن کي دين جي سمجهه عطا فرما ۽ انهن کي ماڻهن ۾ پسنديده بڻاءِ. جن جي خوفِ خدا جو اهو عالم هو جو چاليهه سالن تائين نہ کِليا، سندن ويهڻ جي انداز کي ڏسي ائين لڳندو هو تہ ڄڻ هڪ ڊنل قيدي آهي جنهن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي آهي ۽ ڪنڌ لاهڻ جي لاءِ آندو ويو آهي. گفتگو ڪندا هئا تہ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ آخرت نگاهن آڏو آهي ۽ ان کي ڏسي بيان ڪري رهيا آهن، جڏهن خاموش ٿيندا هئا تہ ائين لڳندو هو جيئن سندن اکين اڳيان باهہ پڙڪي رهي آهي! جڏهن عرض ڪيو ويو: اوهان ايتري قدر خوف زَده ۽ غم زده ڇو رهو ٿا؟ عاجزي ڪندي فرمايائون: مون کي هن ڳالهہ جو خوف ستائي ٿو تہ جيڪڏهن بروزِ قيامت منهنجا ڪي عمل ڏسي الله پاڪ مون تي غضب فرمايو ۽ چئي ڇڏيو تہ اي حسن! وڃ مان تو کي نٿو بخشيان، تہ ان وقت منهنجو ڇا ٿيندو! (احياءُ الْعُلوم ٢٣١/٤)

گر تو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی — ہائے میں نارِ جہنم میں جلوں گا یاربّ!
عفو کر اور سدا کے لیے راضی ہو جا — گر کرم کر دے تو جنت میں رہوں گا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر هڪ پُلصِراط تان گذرندو

پيارا اسلامي ڀائرو! پلصراط حقيقي طور تي آهي ۽ ان تي ايمان آڻڻ واجب آهي. (شرح صاوی ،ص٣٨٩) ۽ ان جو انڪار گمراهي آهي. (المعتقد مع المعتمد،ص٣٣٥) هن پُل تان بنا گذرڻ جي ڪو بہ جنت ۾ نٿو وڃي سگهي ڇوتہ جنت ۾ وڃڻ جي اها ئي راهہ آهي. (حديقة ندية،١٥/٢)

منهنجي رب جي ڪلام ۾ هر شيء جو بيان آهي، ان جي اهڙي برڪت آهي جو هڪ لفظ کي پڙهڻ سان ڏهہ نيڪيون ملن ٿيون، اچو ان جي برڪتن کي ماڻيندي ٻڌون ٿا تہ الله پاڪ جي پياري ڪلام ۾ جهنم جي باري ۾ ڇا

ارشاد آهي. سيپاري 16، سورهٔ مريم جي آيت نمبر 71 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتۡمًا مَّقۡضِيًّا ﴿۷۱﴾ (پ١٦،مريم:٧١)

ترجموڪنزالايمان: ۽ توهان مان ڪو اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تان نہ ٿئي توهان جي رب جي ذمي تي ضرور هي مقرر ڪيل ڳالهہ آهي.

حضرت قَتادَه رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ جهنم تي هيٺ مان مراد پلصراط تان گذرڻو آهي جيڪو جهنم جي مٿي وڇايو ويو آهي. (تفسير البحر المحيط، مريم،١٩٧/٦)

## پل صراط جي مسافت؟

پيارا اسلامي ڀائرو! پل صراط جنهن تان هر هڪ کي گذرڻو آهي، اچو ان جي باري ۾ ٻڌون ٿا: حضرتِ فُضَيل بن عِياض رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان منقول آهي: پُلصِراط جو سفر پندرهن هزار سالن جي راهہ آهي. پنج هزار سال مٿي چڙهڻ جا پنج هزار سال هيٺ لهڻ جا ۽ پنج هزارسال ان جي پٽ تي هلڻ جا. ۽ ان تان اهو گذري سگهندو جيڪو خدا جي خوف جي ڪري ڪمزور ۽ هيڻو هوندو. (البدور السافرة، ص٣٣٤، مختصراً)

هاڻي ٻڌو تہ پلصراط ڪهڙي هوندي ۽ ان تان گذرڻ وارن جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟ ٻنهي جهانن جا داتا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا تہ پُلصراط ترڪڻ واري جاءِ هوندي، ان تي وڏا ويڪرا ڪنڊا هوندا جيڪي مُڙيل هوندا جيڪي جنهن شخص کي لڳندا تہ هو ان کي زخمي ڪري ڇڏيندا يا پنهنجي ڇُهنب ۾ ڦاسائي جهنم ۾ ڪيرائي وجهندا. اهو معاملو نازڪ چو نہ هجي جو پلصراط وار کان وڌيڪ سنهي، تلوار جي ڌار کان وڌيڪ تيز ۽ اها جهنّم جي پشت تي رکيل هوندي، خدا جو قسم! اهو سخت تشويش ناڪ مرحلو آهي، هر هڪ کي ان تان لنگهڻو پوندو. جنّت ۾ وڃڻ جو اهو ئي رستو آهي. سڀ کان پهريان آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ گذرندا، پوءِ ٻيا نبي ۽ رسول، پوءِ امتِ محمدي پوءِ ٻيون اُمتون لنگهنديون ۽ پُلصراط تان ماڻهو

مختلف طريقي سان گذرندا، ڪي تہ اهڙي تيزي سان گذرندا جيئن بجلي جي چمڪ جو يڪدم چمڪي ۽ يڪدم غائب ٿي وئي ۽ ڪي تيز هوا جيان، ڪو اهڙي طرح جيئن پکي اُڏامندو آهي ۽ ڪي جيئن گهوڙو ڊوڙندو آهي ۽ ڪي ائين جيئن انسان ڊوڙندو آهي، ايستائين جو ڪجهہ ماڻهو پولهہ تي گِهلجندي ۽ ڪي ڪِيولي جي چال جيان لنگهندا ۽ پُلصِراط جي ٻنهي پاسن تي وڏا وڏا ڪنڊا لٽڪيل هوندا، جنهن شخص جي باري ۾ حڪم ٿيندو ان کي پڪڙي وٺندا ۽ ڪن کي زخمي ڪندا ۽ اهي زخمي حالت ۾ پلصراط پار ڪري وٺندا.
(بہارِ شریعت ج 1، ص 147 ـ148)

آہ! مجرم ہے میزان پر — پَلّہ بھاری مرا کیجئے
پاس حُسنِ عمل ہے کہاں! — لطف شاہِ دَنیٰ کیجئے
آہ! تاریکیٔ پُل صِراط! — رَحم شمسُ الضُّحیٰ کیجئے (1)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پل صراط تان گذرڻ وارن جا مختلف احوال

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو ان پل جي باري ۾ تصور ڪريو جيڪا جهنم جي مٿان ٺهرائي وئي آهي، جيڪا تلوار کان وڌيڪ تيز ۽ وار کان وڌيڪ سنهي آهي. ان تي اهو ئي ثابت قدم رهندو ۽ نجات ماڻيندو جيڪو دنيا ۾ صراطِ مستقيم تي ثابت قدم رهيو ۽ جيڪو دنيا ۾ سڌي راهہ کان ڦريو ۽ پنهنجي پُنيءَ تي نافرمانين ۽ گناهن جو بار کڻي آيو، تہ اهو ٿڙيون قدم رکندي ئي پل صراط تان ترڪي ڪِري پوندو.

ٿورو سوچيو! ان وقت دل ڪيتري قدر خوف زده هوندي جڏهن پلصراط جي سنهي هئڻ تي نگاهہ پوندي پوءِ نظر ان جي هيٺ انتهائي اونداهي واري

1 وسائل بخشش، ص 504ـ

جهنم تي پونديءِ، ڪنن کي باهه جي پڙڪڻ ۽ جوش هڻڻ جو آواز ٻڌڻ ايندو، هاڻي اهڙي ڪمزور حالت، دل پريشان، ڏڪندڙ قدم ۽ پُنيءَ تي ايتري قدر وزن جيڪو زمين تي به هلڻ نه ڏئي، ان جي باوجود پلصراط تي هلڻو پوندو، هاءِ افسوس! ان وقت ڪهڙي حالت هوندي جڏهن هڪ قدم ان تي رکڻ سان ان جي تيزي محسوس ٿيندي ته ٻيو قدم کڻڻ تي به مجبور ٿينداسين، ماڻهو اسان جي سامهون ترڪي ترڪي ڪِري رهيا هوندا ۽ دوزخ جا ملائڪ انهن کي لوهي ڪنڊن سان پڪڙي رهيا هوندا ۽ اسان انهن کي ڏسي رهيا هونداسين ته ڪهڙي نموني هو هيٺ ڪِري رهيا آهن، هاءِ افسوس! ڪيتري قدر خوفناڪ منظر هوندو چڙهڻ واري جڳهه انتهائي دشوار ۽ لنگهڻ واري راهه انتهائي سوڙهي هوندي.

## حسرت، حسرت ئي رهجي ويندي

هاڻي ٿورو پنهنجي حالت ڏانهن به ڏسو اسان اُن پُل ڏانهن وڌي رهيا هونداسين ۽ ان تي چڙهي رهيا هونداسين، اسان جي پُني اسان جي گناهن جي وزن سبب جهڪيل هوندي، ساڄي کاٻي پاسي ماڻهن کي ڏسنداسين ته جهنم ۾ ڪري رهيا هوندا جڏهن ته غمخوارِ اُمَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي رهيا هوندا: يَارَبِّ سَلِّمْ سَلِّمْ يعني اي منهنجا رب انهن کي بچائي وٺ. پلصراط تان ڪيترن ئي ماڻهن جي ترڪڻ جي سبب جهنم جي گهرائي مان تباهي ۽ بربادي جون رڙيون دانهون ٻڌڻ ۾ اينديون، پر هاڻي اسان جي شرمساري اسان کي ڪجهه نفعو نه ڏيندي جيڪڏهن اسان جو قدم به ترڪي ويو ته سوچيو ڪهڙو منظر هوندو؟ هاڻي حالت اها هوندي جو اسان موت موت پڪاريندا سين ۽ چونداسين: هن ڏينهن ڪان ته ڊڄندا هئاسين، اي ڪاش! پنهنجي هن زندگي جي لاءِ ڪجهه اڳتي موڪليون ها، ڪاش! سنتِ نبوي تي عمل ڪيون ها، هاءِ خرابي، ڪاش! ڪنهن طرح فلاڻي کي دوست نه بڻايون ها، ڪاش! مان مٽي هجان ها، ڪاش! مان وساريل شيءِ هجان ها، هاءِ ڪاش! منهنجي ماءُ ئي مون کي نه ڄڻي ها. ان وقت باهه جا شعلا پڪڙي وٺندا ۽ هڪ پڪارڻ وارو چوندو: ڌڪاريل رهو هن ۾ ۽

ڳالهايو نه. هاڻي رُوئڻ دانهون ڪرڻ ۽ مدد گهرڻ کان علاوه ٻي ڪا راهه نه هوندي.

ہے سر پر بارِ عِصیاں پُل صِراط اب پار ہو کیسے سنبھالو ورنہ دوزخ میں گروں گا یا رسولَ اللہ[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي منهنجا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن اهي تمام خطرا اسان جي سامهون هجن نه ٻڌايو ان وقت اسان پنهنجي عقل کي ڪيئن ڏسون ٿا؟ جيڪڏهن اسان انهن شين تي ايمان رکڻ جي باوجود هن کان غفلت ۽ ان جي تياري جي معاملي ۾ سستي جو شڪار آهيون نه اسان جو نقصان ۽ سرڪشي تمام وڏي آهي. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا نه اي مومن تنهنجو اهڙو ايمان توکي ڪهڙو فائدو ڏيندو جيڪو توکي گناه ڇڏڻ ۽ عبادتون ڪرڻ جي ذريعي الله پاڪ جي خوشنودي تي به نٿو تيار ڪري! جيڪڏهن تنهنجي سامهون صرف پلصراط جي دهشت ۽ ان تان گذرڻ جو دل ڏڪائيندڙ خطرو ئي هجي توڙي جو تون سلامتي سان گذري به وڃين پوءِ به اهو ڊپ ۽ خوف ٿا تنهنجي چيلهه ڇٻي ڪرڻ جي لاءِ گهٽ آهي؟.

**اي عاشقانِ رسول!** پل صراط جو خوف ڪهڙو هوندو، اچو ان جي هڪ جهلڪ ڏسو. حضرت يحييٰ بن يمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون هڪ مرد کي ڏٺو جنهن جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار ڪارا هئا ۽ هو هڪ خوبصورت انسان هو. جڏهن اهو سُتو نه ان خواب ۾ ڏٺو نه ماڻهو ميدان محشر ۾ گڏ ٿيا آهن ۽ باهه جو هڪ درياء آهي ۽ ان جي مٿان پل رکيل آهي. ماڻهو ان پُل تان لنگهي رهيا آهن ۽ پوء ان کي ڪنهن آواز ڏئي سڏيو ۽ اهو پُل تان لنگهيو، ٿا تو ڏسي نه اها تلوار جي ڌار جيان سنهي آهي ۽ اهو ڪاٻي ساڄي هلڻ لڳي ٿو. جڏهن هو صبح ننڊ

---

1... وسائل بخشش، ص 323۔

مان بيدار ٿيو تہ خوف ۽ دهشت جي سبب ان جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار سفيد ٿي چڪا هئا. (سفر آخرت کی منازل، ۷۲/۲)

اي عاشقانِ صحابہ! ٿورو غور ڪريو تہ پل صراط جي دهشت ڪيتري سخت آهي جو هڪ خوب صورت نوجوان پنهنجي جواني جي حالت ۾ صرف خواب ۾ پل صراط ڪي ڏسي ٿو تہ ان جي دهشت ڪان ان جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار سفيد ٿي وجن ٿا.

## پل صراط جي دهشت صحابي رسول ڪي رئاري ڇڏيو

حضرت سَيدُنا جلال الدين سيوطيرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ پيري حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪي روئندي ڏسي سندن گهرواريءِ عرض ڪيو: توهان ڪي ڪهڙي ڳالھ روئاريو آهي؟ پاڻ فرمايائون: مون ڪي الله پاڪ جو هي فرمان ياد اچي ويو. وَاِن مِّنكُم اِلا وَارِدُهَا (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ توهان مان ڪو بہ اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تي نہ ٿئي) ۽ مون ڪي اها خبر ناهي تہ مان ان ڪان نجات بہ حاصل ڪري سگهندس يا نہ. (مستدرک، ۵ / ۸۱۰، الحدیث: ۸۷۸۶)

جَلا دے نہ نارِ جہنم کرم ہو | پئے بادشاہِ اُمَم یاالٰہی
مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے | ہو مجھ ناتُواں پر کرم یاالٰہی (1)

## ڪاش منهنجي ماءُ مون ڪي نہ ڄڻيو هجي ها

حضرتِ سيدُنا ابوميسره عَمرو بن شُرَحبِيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ دفعي بستري تي آرام ڪرڻ لاءِ تشريف ڪٽي ويا تہ بيقرار ٿي فرمائڻ لڳا: ڪاش! منهنجي ماءُ ئي مون ڪي نہ ڄڻيو هجي ها. سندن گهرواريءِ عرض ڪيو: توهان ائين ڇو ٿا فرمايو؟ تہ فرمايائون: بيشڪ الله تعالٰي جهنم تان گذرڻ جي خبر ڏني آهي پر اها خبر ناهي تہ اسان ان مان نڪرنداسين يا نہ. (اَلْبُدورُ السّافِرة ص۳۴۳)

---

1 وسائل بخشش،ص۱۱۰تا ۱۱۱ ملتقطاً

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جا بُزُرگ سڳورا پلصراط تان گذرڻ ۽ جهنم ۾ ڪرڻ جي خوف سبب ڪيتري قدر خوف رکندا هئا. غور ڪريو! جن بزرگانِ دِين جا واقعا اسان ٻڌا، **هي اهي عظيم هستيون** آهن جن جا ڏينهن رات گناهن کان بچي الله پاڪ جي عبادت ۾ گذرندا هئا، **هي اهي عظيم هستيون آهن** جن جي **زبان فضول ڳالهائڻ** کان بچي الله پاڪ جو ذِڪر ڪندي هئي، **هي اهي عظيم هستيون آهن** جن جون نگاهون الله پاڪ جي خوف سبب جُهڪيل ۽ اکين مان خوفِ خدا سبب لڙڪ وهندا رهندا هئا، جڏهن ته اسان جو حال ان جي بالڪل اُبتڙ آهي، اسان کي پل صراط جو ڪوئي خوف ناهي، ڇاڪاڻ ته ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جي ڪا نماز قضا ٿي سگهي ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته** ڇا فرض روزا رکڻ ۾ سُستي ٿي سگهي ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان زڪوٰة ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪيون ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** ٻين جون غيبتون ڪيون ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جي زبان ڪوڙ ڳالهائي ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جا هٿ حرام ڏانهن وڌن ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جون اکيون حرام ڏانهن ڪڄن ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جا پير حرام ڏانهن اڳتي وڌن ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جا ڪن حرام ٻڌڻ ۾ مشغول ٿين ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته** ڇا حرام ڪمائي اسان جي گهر ۾ داخل ٿئي ها؟ ❖ **جيڪڏهن پل صراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان ٻين جا حق پامال ڪيون ها؟ مطلب ته! ❖ **جيڪڏهن پلصراط جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** گناهن ۾ اسان جي دل لڳي ها يا اسان نيڪيون ڪرڻ وارا ٻڻجون ها؟ يقيناً جيڪڏهن اسان غور ڪريون ته پل صراط جو خوف اسان جي دلين

مان گهٽ ٿيندو پيو وڃي.

**اي ڪاش!** اسان سنجيدگي سان پنهنجي عمل جو جائزو وٺون ۽ اسان موت کان ڊڄڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! اسان قبر کان ڊڄڻ وارا بڻجي وڃون. اي ڪاش! اسان ميدانِ محشر جي گرمي ۽ ان جي دهشت کان ڊڄڻ وارا بڻجي وڃون. اي ڪاش! اسان حساب ڪتاب جي سختي کان ڊڄڻ وارا بڻجي وڃون. اي ڪاش! اسان پُل صراط تان گذرڻ کي ياد ڪندي ڊڄڻ وارا بڻجي وڃون. اي ڪاش! اسان جهنم جي عذاب کان ڊڄڻ وارا بڻجي وڃون. ياد رکو! اڄ جيڪڏهن اسان دنيا ۾ خوفِ خدا کان سرشار رهياسين ته اهو ئي خوفِ خدا اسان کي پُل صراط پار ڪرائيندو، جيئن

حَضرتِ سَيِدُنا فُضَيل بِن عِياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خوفِ خدا جي سَبَب ڪمزور ضعيف ۽ هيٺا رهڻ وارا پُلصِراط کي آساني سان پار ڪري وٺندا. (پل صراط کی دہشت، ص7) اڄ جيڪڏهن دنيا ۾ اسان جهنم کان پناهه گهرندا رهياسين ته آخرت ۾ به ان کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.

حديثِ پاڪ ۾ آهي ته جيڪو بانهو جَهنَّم کان پناهه گهرندو آهي، جَهنَّم چوندو آهي: اي رَبّ! اهو مون کان پناهه گهري ٿو ته تون ان کي پناهه ڏئي ڇڏ. (مسند أبي يعلى، ۳۷۹/۵،حديث: ۶۱۶۴، بہارِ شریعت،۱۶۳/۱)

دے نَزع و قبر و حشر میں ہر جا اَمان، اور | دوزخ کی آگ سے بچا یا ربِّ مصطَفٰے
مَحْشر میں پُلْ صراط پہ میرے قدم کہیں | جائیں پھسل نہ یا خدا یا ربِّ مصطَفٰے
فردوس میں پڑوس دے اپنے حبیب کا | مولیٰ علی کا واسِطہ یاربِّ مصطَفٰے

(وسائل بخشش،ص132،133)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ عمل ئي پلصراط پار ڪرائيندا

پيارا اسلامي ڀائرو! پلصراط جي ايتري دهشت جي باوجود به ان تي ڪجهه

ماڻهو بجلي جيان تيزي سان ۽ ڪجھ ماڻهو درمياني رفتار سان ۽ ڪجھ گِهلجندي گذرندا، انهن جو اهڙي طرح گذرڻ انهن جي عملن جي ڪري هوندو جيئن تہ

مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مِراةُ المَناجِيح ۾ پلصراط تان گذرڻ وارن جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ انهن جي رفتارن ۾ اهو فرق انهن جي نيڪ عملن ۽ اخلاص جي ڪري هوندو، جهڙا عمل ۽ جهڙو اخلاص اهڙي ئي اتي انهن جي رفتار هوندي. اَشِعَّةُ اللَّمعَات ۾ آهي: پلصراط تي تيزي سان گذرڻ جو اصل سبب پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو اُمتين تي نگاهِ ڪرم فرمائڻ آهي يعني حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سان جنهن جو جيترو قُرب گهٽ هوندو ان جي اوتري رفتار تيز هوندي. (مراة المناجيح، حوض و شفاعت کا بیان، ج7، ص 474 بتغير قليل)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **الله** پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان پلصراط جو تَصَوُّر رکي ۽ پياري آقا جي مَدَد ۽ شفاعت جي خيرات گهرندي هيئن عرض ڪن ٿا:

يا الٰہی جب چلُوں تاریک راہِ پُل صراط | آفتابِ ہاشمی نورُالھُدیٰ کا ساتھ ہو
یا الٰہی جب سرِ شمشیر پر چلنا پڑے | ربِّ سلِّم کہنے والے غمزُدا کا ساتھ ہو
یاالٰہی! نامۂ اعمال جب کھلنے لگیں | عیب پوشِ خلق ستارِخطا کا ساتھ ہو (1)

**شعرن جي وضاحت:** يعني ياالله! جڏهن اونداهي ۾ بُڏل پلصراط تان منهنجو گذر ٿئي تہ پنهنجي پياري محبوب روشن چهري واري ۽ رشد وهدايت جي چراغ (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ) جي روشني مون کي عطا ڪجانء. ياالله! جڏهن اسان کي تلوار جي ڌار کان تيز بلڪ ان کان بہ وڌيڪ سنهي ۽ خطرناڪ راهہ يعني پلصراط تان گذرڻو پوي تہ اسان کي پنهنجي ان محبوب جو ساٿ عطا ڪجانء جنهن اسان کي اها خوشخبري ٻڌائي تسلي ڏني آهي تہ اي منهنجا اُمّتيو! قيامت جي ڏينهن

1... حدائقِ بخشش ص133

جڏهن توهان پلصراط تان گذرندؤ تہ مان پنهنجي ربّ کان توهان جي لاءِ پلصراط تان سلامتي سان گذرڻ جي دعا ڪري رهيو هوندس. ياالله! جڏهن منهنجو اعمال نامو ڪلڻ لڳي تہ اهو تنهنجو پيارو نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جنهن ڪي تو پنهنجي مخلوق جي عيبن ڪي لڪائڻ وارو ۽ انهن جي خطائن تي پردو وجهڻ وارو، بلڪ معاف ڪرڻ وارو ٻڌائي موڪليو آهي، مون ڪي ان جو دامنِ ڪرم نصيب ڪجان پوءِ منهنجون نافرمانيون ڇاڻين ۽ انهن جون ڪرم نوازيون ڇاڻين.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پل صراط تي تيزي سان گذرڻ وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ پُلصراط تان هر هڪ ڪي گذرڻو پوندو ۽ اهو بہ ٻڌو تہ گذرڻ وارن جون مختلف حالتون هونديون ڪو جلدي گذري ويندو، ڪو آهستي آهستي پار ڪندو ڪو بنا زخم لڳڻ جي گذري ويندو تہ ڪو زخمي ٿيڻ جي حالت ۾ پار ڪندو، ڪو پنهنجي قدمن سان گذري جنت ۾ هليو ويندو تہ ڪو پيٽ پر گهِلجندي جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان تان گذرڻ جي لاءِ دُنياوي اعتبار سان طاقت ور، قدآور نوجوان يا پهلوان، تيز رفتار، خلاباز يا ڪراٽي باز هئڻ جي حاجت ناهي بلڪ حضرتِ سيدُنا **فضيل بن عياض** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ارشاد مطابِق خوفِ خدا جي سبب ڪمزور رهڻ وارا پُل صراط کي آساني سان پار ڪري ويندا. (پل صراط کی دہشت،ص۷) ۽ ان تي گذرڻ انسان جي پنهنجي عمل جي مطابق هوندو جنهن جا عمل دنيا ۾ سٺا هوندا اهو پلصراط تان ايترو ئي تيزي سان گذري ويندو. اچو اسان ٻڌون ٿا تہ اهي ڪهڙا عمل آهن جيڪي اسان کي پل صراط تان تيزي سان گذرڻ ۾ آساني پيدا ڪندا آهن.

الله ڪريم پنهنجي پياري نبي حضرتِ سيدُنا داود عَلَيْهِ السَّلَام کي ارشاد فرمايو: اي داؤد! ڇا توهان کي خبر آهي تہ پل صراط تان سڀ کان جلدي مان گذرڻ وارا ڪير هوندا؟ اهي جيڪي **منهنجي فيصلن تي راضي** رهن ۽ انهن جون زبانون **منهنجي ذڪر سان تر** رهن. (حلية الاولياء،٤/٧٠،حديث:٤٧٨٣ مختصراً)

خبر پئي تہ اللہ پاڪ جي رضا تي راضي رهڻ ۽ ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ **پل صراط** تان تيزي سان گذاريندو.

اي منهنجا **پيارا اسلامي ڀائرو!** اللہ پاڪ جي رضا تي راضي رهو جيڪو ان رِزق ڏنو آهي، انهيء تي قَناعَت ڪريو، ان اسان کي جنهن حال ۾ بہ رکيو آهي، **هرحال ۾ اُن جو شڪر** ڪرڻ گهرجي، **مال جو حرص** پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو، بروزِ قيامت ان جو حساب پلصراط جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهي ٿو. پنهنجي زبانن کي ذِڪرُ اللہ سان تر رکو ڇوتہ فضول گوئي ۽ فُحش ڪلامي اللہ پاڪ جي ناراضي جو سبب آهن.

## پل صراط تي ڪم ايندڙ نيڪيون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اسان پل صراط جي پريشاني کان بچڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي پنهنجي هن مختصر زندگي ۾ اهڙا نيڪ عمل ڪرڻا پوندا جيڪي **پل صراط** تي آساني جو ذريعو بڻجن. اهي عمل جيڪي پلصراط تي ڪم اچن، انهن عملن مان هڪ عمل **نماز** بہ آهي. شهنشاهہ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو نماز جي پابندي ڪندو، اللہ پاڪ پنج ڳالهين سان ان جي عزت فرمائيندو: (1) ان کان تنگي ۽ (2) قبر جو عذاب دور ڪندو (3) اللہ پاڪ اعمالنامو ان کي سڄي هٿ ۾ ڏيندو (4) اهو پلصراط تان بجلي وانگر تيزي سان گذري ويندو ۽ (5) جنت ۾ بنا حساب جي داخل ٿيندو.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نماز جا ڪيئي فائدا آهن. ❖ نماز پلصراط ۾ ڪم ايندڙ عمل آهي ❖ نماز **پلصراط جي گهٻراهٽ** کان بچائڻ وارو عمل آهي ❖ اچو! ٻڌو نماز جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن، ❖ **نماز** دِين جو ٿنڀ آهي، ❖ **نماز** پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اکين جي ٺڏاڻ آهي، ❖ **نماز** مسلم ۽ غير مسلم جي وچ ۾ سڃاڻپ جو ذريعو آهي، ❖ **نماز** بارگاهہ الٰهي ۾ حاضري جو ذريعو آهي، ❖ **نماز** مؤمن جي معراج آهي، ❖ **نماز** چين ۽ سڪون جو سبب آهي، ❖ **نماز** بندگي جي پهرين ڏاڪڻ آهي ❖ **نماز** ربّ ڪريم جون

رحمتون ماڻڻ جو سبب ۽ قُربِ اِلٰهي ماڻڻ جو وسيلو آهي ❖ **نماز** سان الله پاڪ جي مدد ملندي آهي ❖ **نماز** گناهن کي مٽائيندي آهي ❖ **نماز** ظاهر و باطن کي صاف ڪندي آهي ۽ روح کي قرار ڏيندي آهي ❖ **نماز** ظاهري ۽ باطني بيمارين جو خاتمو ڪندي آهي ۽ رزق ۾ برڪتن جو سبب آهي.

**اي عاشقانِ رسول! ياد رکو!** ❖ **نماز ڇڏڻ** دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان جو سبب آهي ❖ **نماز ڇڏڻ** الله پاڪ جي امان کان پاڻ کي محروم ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي غضب کي دعوت ڏيڻ آهي، ❖ **نماز ڇڏڻ** مال ۾ گهٽتائي ۽ نقصان جو سبب آهي، ❖ **نماز ڇڏڻ** بُري خاتمي جو سبب ۽ قبر جي امتحان ۾ فيل ٿيڻ جو سبب آهي، ❖ **نماز ۾ غفلت ڪرڻ** پاڻ کي جَهنَّم جو حقدار بنائڻ آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان پنج ئي نمازون ذوق وشوق سان مسجد ۾، تڪبيرِ أُولٰي سان پهرين صف ۾ باجماعت ادا ڪريون ۽ نماز ۾ هرگز هرگز سُستي نه ڪريون.

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی![1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صدقو ڏيڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! پلصراط جي اونداهي کي روشني ۾ ۽ پلصراط جي وحشت کي اطمينان ۽ سڪون ۾ بدلڻ جو هڪ بيو عمل الله پاڪ جي راهه ۾ صدقو ڪرڻ به آهي. نبي رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جنهن دنيا ۾ چڱي طرح صدقو ڏنو اهو پلصراط تان گذري ويندو. (حلية الاولياء،٣/٢٥٦، حديث:٣٨٧٤)

حديث پاڪ مان معلوم ٿيو صدقو ڏيڻ جون ڪوڙ برڪتون آهن. تنهنڪري

---

1... وسائلِ بخشش مُرَمَّم،ص١٠٢

اسان کي گھرجي تہ راهِ خدا ۾ ڪجھ نہ ڪجھ ڏيندا رهون، صدقو ۽ خيرات ڪندا رهون.

## ڀين جي عزّت جي حفاظت ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! پلصراط تي ڪم ايندڙ هڪ عمل **ڪنهن مسلمان جي عزّت جي حفاظت ڪرڻ** آهي. حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جنهن مسلمان جي غيبت ڪئي ويندي هجي، ان جي عزّت بچائڻ واري کي ملائڪ پلصراط تان پرن ۾ ڍڪي گذاريندا تہ جيئن دوزخ جي باھ جي تپش اُن تائين نہ پهچي سگهي. (مرأة المناجيح،۶/۵۷۲ ملخصاً)

اسان کي گھرجي تہ اسان ڀين جي عزت جي حفاظت ڪريون ❖ ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيون ❖ ڪنهن تي ڪوڙا اِلزام نہ لڳايون ❖ ڪنهن جي باري ۾ بدگماني کي پنهنجي دل ۾ جڳھ نہ ڏيون ❖ ڪنهن جي دل نہ ڏکايون ❖ ڪنهن جون پرپٺ بُرائيون نہ ڪريون ❖ ڪنهن جو مذاق اُڏائي ان جي عزّت پامال نہ ڪريون ❖ سازشون ڪري ڪنهن جي ترقي ۾ رڪاوٽ نہ وجهون ❖ ۽ ڪنهن جون بُرائيون ماڻهن ۾ پکيڙي ان کي بدنام نہ ڪريون، ڇاڪاڻ تہ اڄ اسان ڪنهن سان جهڙو سلوڪ ڪنداسين سڀاڻي اسان سان بہ اهو ئي ٿي سگھي ٿو. ان جي برخلاف جيڪڏهن اسان هر هڪ جي عزّت جو تحفظ ڪنداسين، هر هڪ سان سچ ڳالهائينداسين، هر هڪ جو احترام ڪنداسين، هر هڪ جي باري ۾ سٺو گُمان رکنداسين، هر هڪ جي خيرخواهي ڪنداسين تہ الله پاڪ چاهيو تہ اسان سان بہ هر طرح سان ڀلائي وارو معاملو ئي ٿيندو. ياد رکو! جهڙي طرح بُرو عمل ٻانهي تي بُرائي جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي، اهڙي طرح سٺو عمل ڇڱائي جون ڪيئي صورتون ٺاهيندو آهي ۽ نيڪ چڱي عمل جي جزا ضرور ملندي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! حديث مبارڪ ۾ انهن نيڪ عملن کان علاوه ٻيا بہ ڪوڙ اهڙا عمل آهن جيڪي پلصراط تان آساني ۽ حفاظت جو ذريعو بڻجندا، جيئن

درود شريف جي ڪثرت ڪرڻ، مسجد ۾ بڪثرت حاضر ٿيڻ، ڪنهن مسلمان جي پريشاني دور ڪرڻ، امانت ۾ خيانت نہ ڪرڻ، رشتيدارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ، پلائي جي ڪم ۾ سفارش ڪرڻ، مسواڪ استعمال ڪرڻ وغيره.

## پلصراط تي نقصان ڏيندڙ عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پلصراط تي ڪم ايندڙ نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌو. اچو هاڻي انهن بُرن عملن جي باري ۾ ٻڌون تا جيڪي پل صراط تي پريشاني ۽ نقصان جو سبب بڻجي سگهن ٿا؟.

## ظلم ڪرڻ

پلصراط تي نقصان ڏيندڙ عملن مان هڪ عَمَل ظلم ڪرڻ آهي. تورات ۾ لکيل آهي تہ پلصراط جي پويان هڪ منادي ندا ڪندو: اي ظلم ۽ سرڪشي ڪرڻ وارؤ! اي عيش پرست بد بختؤ! بيشڪ الله پاڪ پنهنجي عزت جو قسم ٿو کڻي تہ ڪنهن ظالم جو ظلم اڄ اها پل پار نہ ڪري سگهندو. (كتاب الكبائر للذہبی ،الكبيرة السادسة والعشرون:الظلم ،ص۱۱۹)

## باھ جون زنجيرون

ماڻهن جو مال ناحق ڦٻائڻ وارن، ڌاڙو هڻڻ وارن، پرچيون موڪلي يا ڪالون ڪري ناجائز رقمن (مثال طور ڪنهن کي اِغوا ڪري ان جي واپسي جي لاءِ وڏي رقم) جو مطالبو ڪرڻ وارن کي خوب غور ڪرڻ گهرجي تہ اڄ جيڪو حرام مال بآساني نڙي کان هيٺ لهندو محسوس ٿي رهيو آهي اهو بروزِ قيامت ڪٿي سخت مصيبت ۾ نہ وجهي ڇڏي.

حضرت سيدُنا فقيہ اَبُوالّلَيث سَمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ پلصراط تي باھ جون زنجيرون آهن، جنهن حرام جو هڪ درهم بہ ورتو ان جي پيرن ۾ باھ جون زنجيرون وڌيون وينديون، جنهن سبب ان کي پل صراط تي گذرڻ دشوار ٿي ويندو، ايستائين جو ان درهم جو مالڪ ان جي نيڪين مان بدلو نہ

وٺي. جيڪڏهن ان وٽ نيڪيون نہ هونديون تہ هو ان جي گناهن جو بار بہ کڻندو ۽ جهنّم ۾ ڪري پوندو. (قُرَّةُ العُيُون و معہ الروض الفائق ص٣٩٢)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یاربّ
عَفْو کر اور سَدا کے لئے راضی ہوجا گر کرم کردے تو جنَّت میں رہوں گا یارَب
(قُرَّةُ العُيُون و معہ الروض الفائق ص٣٩٢)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ ئي سچي دل سان پنهنجي اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪريو ۽ اڄ تائين جنهن جنهن تي ظلم ڪيو آهي. ان کان معافي گهري وٺو ۽ ياد رکو ظالم کان علاوه انهن ماڻهن جي لاءِ بہ غوروفڪر جو موقعو آهي جيڪي بدنصيب نماز نٿا پڙهن، ڏاڙهي ڪوڙائن ٿا يا هڪ مٺ کان گهٽائن ٿا، ماءُ پيءُ کي ستائن ٿا، اولاد کي شريعت جي پابندي کان روڪي ماڊرن بڻائن ٿا، گهرواري ۽ بالغ نياڻين کي بي پرده گهمائن ٿا، فلمن ڊرامن، گانن باجن، حرام روزين، وياجي واپار، ڏوڪي بازين، گندين گارين، غيبتن، چغلين، عيب ڳولڻ، بدنگاهين، بلااجازتِ شرعي مسلمانن جي دل آزارين، بي نمازين ۽ فيشن پرست برن دوستن جي صحبت کان نٿا بچن ۽ شهوت جي باوجود اَمردن يعني خوب صورت ڇوڪرن جي صحبتن وغيره وغيره گناهن کان باز نٿا اچن، انهن جي لاءِ ڳڻتي جو مقام آهي. جيڪڏهن الله پاڪ ۽ ان جو پيارو **حبيب** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناراض ٿي ويا ۽ گناهن جي سبب ايمان برباد ٿي ويو تہ يقيناً ناقابلِ برداشت دائمي عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ پُلصراط تي نور بہ نہ ملندو. جيئن

## تنهنجي لاءِ ڪو نور ناهي!

حضرتِ سيدُنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ توهان الله پاڪ وٽ پنهنجي نالن ۽ نشانين ۽ پنهنجي سرگوشين ۽ مجلسن يعني بيٺڪن ۽ صحبتن سميت لکيل آهيو. جڏهن قِيامت جو ڏينهن ايندو تہ آواز ايندو: اي فلاڻا

پٽ فلاڻي جا، اهو تنهنجو نور آهي ۽ اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا، **تنهنجي لاءِ کو نور ناهي.** (الزهد ص۴۶۵رقم۱۳۲۱)

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم ”مَدرَسَةُ المَدِينَہ بالغان“

پيارا اسلامي ڀائرو! موت جي تياري، قبر و حشر ۽ پُلصِراط تان گذرڻ جي آساني ڪي حاصل ڪرڻ جي تڙپ پنهنجي اندر پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اِسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهندي ڪجھ نہ ڪجھ وقت ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهو. ياد رهي! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان روزانو جو هڪ ديني ڪم ”مَدرَسَۃُ المَدِينہ بالغان“ بہ آهي. قرآنِ ڪريم، رَبّ رحيم جو مُقَدَّس ڪلام آهي، ان جو پڙهڻ پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ ٻڌائڻ ثواب جو ڪم آهي، پر اهو ثواب انهيءَ وَقت ملندو جڏهن دُرُست تَلَفُّظ سان پڙهيو وڃي نہ تہ ڪڏهن ڪڏهن ثواب جي بدران انسان عذاب جو حقدار بڻجي ويندو آهي. امامِ اهلسُنَّت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بيشڪ ايتري تجويد سکڻ فرضِ عَين آهي جنهن سان تجويد جي قاعدن مطابِق حُرُوف کي دُرُست مخارِج سان اَدا ڪري سگهي ۽ غَلَط پڙهڻ کان بچي سگهجي. (فتاویٰ رضویہ ، ۶ / ۳۴۳۔ملخصاً)

## قرآنِ ڪريم سکڻ سيکارڻ جي فضيلت

اللہ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: خَيۡرُكُمۡ مَنۡ تَعَلَّمَ الۡقُرۡاٰنَ وَعَلَّمَه يعني توهان ۾ بهترين شخص اهو آهي جنهن قرآن سکيو ۽ ٻين کي سيکاريو. (بخاری ، کتاب فضائل القران ، باب خیرکم من تعلم الخ ، ۳ / ۴۱۰ ، حدیث : ۵۰۲۷)

اچو! ترغيب لاءِ **”مسجد درس“** جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا،

## مدرسة المدينہ بالغان جا طالبِ علم مُفتي ڪيئن بڻيا؟

ڪراچي جا مقيم اِسلامي ڀاءُ مُفتي فُضَيل رضا عطّاري مُدَّ ظِلُّه العَالِي جي بيان جو خُلاصو آهي: ڪاليج جي تعليم دوران منهنجو گهڻو وقت گپ شپ يا ڪرڪيٽ

وغيره ڪيڏڻ ۾ گذرندو هو، منهنجي علائقي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي محبت ڀري انداز مون کي گهڻو متاثر ڪيو ۽ مان اُن جي انفرادي ڪوشش سبب مَسجِد ۾ نمازِ عشاء کان پوءِ لڳائي ويندڙ مَدرَسَةُ المَدِينَہ (بالِغان) ۾ شِرڪت ڪرڻ لڳس. ۽ عاشِقانِ رسول جي صُحبت ۾ دُرُست قرآنِ ڪريم پڙهڻ سکي ويس. ۽ پوءِ ڪم و بيش 8 سال مَدرَسَةُ المَدِينَہ بالِغان ۾ قرآنِ پاڪ صحيح مَخَارِج سان پڙهائڻ جي سَعَادَت ملندي رهي. 1996 ۾ دَرسِ نِظامي ۾ داخلا ورتي 2003ء ۾ فارِغ التحصيل ٿيس. ان دوران فتويٰ نويسي جي بہ تَربِيت حاصل ڪري چڪو هيس. پير و مُرشد جي شَفقَت سان مَجلسِ تَحقيقاتِ شَرعيہ جي رُڪن جي حَيثيت سان پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ دارُالاِفتا اَهلِسُنّت ۾ تادمِ تَحرير بَطورِ مُفتي و مُصدِّق خِدمتِ اِفتاء جي سَعادت حاصل آهي.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی      صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا(2)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب!    صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اوقات الصلواة ايپ (Application) جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ سنتن جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ ڪم وبيش 80 شعبن ۾ ديني ڪم ڪري رهي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ (I.T Department) عاشقانِ رسول جي لاءِ ڪيئي موبائل ايپليڪيشنز (Applications) عام ڪيون آهن ۽ وڌيڪ پڻ جاري ڪندي رهي ٿي. انهيءَ سلسلي کي جاري رکندي اوقات الصلوٰة "Prayer Times" موبائل ايپلي ڪيشن لانچ ڪئي آهي. اها ايپلي ڪيشن اعليٰ حضرت مولانا امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علمِ توقيت تي تحقيق جي مطابق نمازن جي اوقات تي مشتمل آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ پنج نمازن جي اوقات جا روزانا ۽ ماهوار ٽائم ٽيبل، اذڪار (روحاني علاج)، مدني چينل ريڊيو، نماز جي اوقات ۾ موبائل کي آٽو سائلنٽ ڪرڻ جي سهولت

۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. ايپلي ڪيشن ۾ موجود ڊيجيٽل ڪمپاس جي ذريعي دنيا ۾ ڪٿي بہ قبلي جي صحيح سمت معلوم ڪري سگهو ٿا. تہ اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپليڪيشن انسٽال ڪريو. ۽ ٻين کي بہ انسٽال ڪرڻ جو مشورو ڏيو.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: **جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.** (مشکاۃ، کتاب الایمان باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ ، ۱/ ۵۵،حدیث: ۱۷۵)

سینہ تری سنت کا مدینہ بنے آقا | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نَنهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه جي رسالي 101 **مدني گل** مان ننهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. ❖ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن تہ جمعي جو انتظار نہ ڪريو. (دُرِّمُختار،۹/۶۶۸) منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي **الله تعاليٰ** اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏھ ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي تہ رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهہ ڇڻندا. (دُرِّمُختار، رَدُّالْمُحتار،۹/۶۶۸- بہارِشریعت حصّہ۱۶ ص ۲۲۵،۲۲۶) ❖ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي طريقي جو خلاصو هي آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار ڇيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کاٻي هٿ جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو

وجي. (دُرِّمُختار،٦٧٠/٩ ، اِحْياءُ الْعُلُوم ،١٩٣/١) ❖ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي تہ ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کابي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (ايضًا) ❖ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروھ آهي. (عالَمگيری، ٣٥٨/٥) ❖ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروھ آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙھ) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. ((عالَمگيری، ٣٥٨/٥)) ❖ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي. (عالَمگيری، ٣٥٨/٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل بہ ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن جو ڪتاب **سنتيں اور آداب**" حاصل ڪريو ۽ ان جو مطالعو ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر

۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[4]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

---

1 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

2 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305